SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1989

SINDH ACT NO.IX OF 1989

سنڌ سرڪاري ملازم بينيوولنٽ فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 1989

THE SINDH GOVERNNMENT SERVANTS BENEVOLENT FUND (AMENDMENT) ACT, 1989

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Ordinance XIV of 1960

3. 1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XIV of 1960

4. 1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Ordinance XIV of 1960

5. 1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance XIV of 1960

6. 1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعہ 6_A جي ترميم
Amendment of section 6_A of Sindh Ordinance XIV of 1960

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1989

SINDH ACT NO.IX OF 1989

سنڌ سرڪاري ملازم بينيوولنٽ فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 1989

THE SINDH GOVERNNMENT SERVANTS BENEVOLENT FUND (AMENDMENT) ACT, 1989

[27 مئي 1989]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري ملازمن جي بينيوولنٽ فنڊ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ سرڪاري ملازمن جي بينيوولنٽ فنڊ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سرڪاري ملازم بينيوولنٽ فنڊ (ترميم) ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعہ 2 جي ترميم

2. سنڌ سرڪاري ملازمن جو بينيوولنٽ فنڊ آرڊيننس، 1960 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾:

Amendment of section 2 of Sindh Ordinance XIV of 1960

"(i) شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(a) "ڪٽنب" سرڪاري ملازم سان لاڳاپي ۾ مطلب-

(i) مرد جي صورت ۾ گهرواري يا گهر واريون ۽ عورت جي صورت ۾ مڙس؛ ۽

(ii) پنهنجا ۽ ويڳا ٻار، 21 سالن کان گهٽ عمر جا، والدين، نابالغ ڀائر، ۽ ڪنواريون، طلاقيل يا بيواهه ڀينرون، جيڪي مڪمل طور سندس مٿان ڀاڙيندڙ هجن؛"؛

(ii) شقن (c) ۽ (f) کي ختم ڪيو ويندو.

1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XIV of 1960

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 3 ۾-

(i) ذيلي دفعه (2) کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "جو هر هڪ حصو" جي جڳهه تي لفظ "هڪ (The)" کي متبادل بڻايو.

1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance XIV of 1960

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 4 جي شق (a) ۾، ذيلي شق (iii) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(iv) سرڪاري نوڪري ڪندڙ ملازمن ۽ سرڪاري نوڪري دوران فوت ٿي ويندڙ ملازمن جي ڪٽنبن لاءِ هائوسنگ اسڪيمون جوڙڻ؛"؛

1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Sindh Ordinance XIV of 1960

5. (1) ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 6 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"6. **بورڊس آف مئنيجمينٽ.** (1) جيترو جلد ٿي سگهي، حڪومت اهڙي طريقي موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، هيٺ ڄاڻايل بورڊس جوڙيندي، يعني:

(a) صوبائي بورڊ آف مئنيجمينٽ؛

(b) هر هڪ ڊويزن لاءِ ڊويزنل بورڊ آف مئنيجمينٽ؛ ۽

(c) سيڪريٽيريل بورڊ آف مئنيجمينٽ؛

(2) حڪومت طرفان مليل هدايتن موجب ۽ ان سلسلي ۾ جيڪي بہ قاعدا جوڙيا وڃن، انهن موجب۔

(a) صوبائي بورڊ آف مئنيجمينٽ کي اختيار حاصل هوندا تہ:

(i) فنڊ ۾ جمع ٿيل رقمون سيڙائڻ؛

(ii) فنڊ مان خرچ جي رقم حاصل ڪرڻ؛

(iii) ڊويزنل ۽ سيڪريٽيريل بورڊس آف مئنيجمينٽ کي فنڊس جاري ڪرڻ؛ ۽

(iv) 16 ۽ ان کان مٿي اسڪيل جي سرڪاري ملازمن ۽ انهن جي ڪٽنبن کي فنڊ مان رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙڻ؛

(b) ڊويزنل بورڊ آف مئنيجمينٽ صوبائي بورڊ آف مئنيجمينٽ طرفان ملندڙ هدايتن جي روشني ۾:

(i) ان کي جاري ڪيل فنڊ سان لاڳاپيل سمورن معاملن سان طئي ڪرڻ؛

(ii) بنيادي پي اسڪيل 1 کان بنيادي پي اسڪيل 15 وارن سرڪاري ملازمن کي انهن جي ترتيبوار ڊويزنس ۾ رليف فراهم ڪرڻ ۽ خرچ جاري ڪرڻ؛

(c)سيڪريٽيريل بورڊ آف مئنيجمينٽ پراونشل بورڊ آف مئنيجمينٽ طرفان جاري ڪيل هدايت موجب:

(i)ان کي جاري ڪيل فنڊ سان لاڳاپيل سمورن معاملن کي ڊيل ڪرڻ؛

(ii) بنيادي پي اسڪيل 1 کان بنيادي پي اسڪيل 15 تائين گريڊ رکندڙ سرڪاري ملازمن کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ خرچ جاري ڪرڻ.".

1960 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي دفعہ 6_A جي ترميم

Amendment of section 6_A of Sindh Ordinance XIV of 1960

6. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 6_A ۾ لفظن "اهڙو ڪو بورڊ" کي لفظ "بورڊ" سان متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.